SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1997

SINDH ORDINANCE NO. XI OF 1997

سنڌ ايريڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1997

THE SINDH ARID ZONE DEVELOPMENT AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1997

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1985 جي سنڌ ايڪٽ II جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sind Act 11 of 1985

3. 1985 جي سنڌ ايڪٽ II جي دفعه 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act II of 1985

4. 1985 جي سنڌ II جي نئين دفعه 13_A جي داخلا
Insertion of new section 13_A in Sindh Act II of 1985

سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريہ 1997
SINDH ORDINANCE NO. XI OF 1997

سنڌ ايرڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1997
THE SINDH ARID ZONE DEVELOPMENT AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1997

[17 مئي، 1997]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ايرڊ زون ڊولپمنٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1985 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جڏهن ته سنڌ ايرڊ زون ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1985 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جنهن طريقي سان ان کانپوءِ ظاهر ٿئي ٿو.

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ايريا زون ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1997 چيو ويندو.
(2) هيءُ جلد لاڳو ٿيندو.

1985 جي سنڌ ايڪٽ II جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sind Act 11 of 1985

2. سنڌ ايريا زون ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1985 ۾، دفعہ 2 ۾، ان کانپوءِ جاڻايل ايڪٽ جو حوالو ڏنو ويو آهي.
(i) شق (i) ۾ سيمي ڪولن کان پهريان "۽ وائيس چيئرمين" جا الفاظ شامل ڪيا ويندا؛
(ii) شق (m) کانپوءِ، هيٺ جاڻايل نئين شق جو واڌارو ڪيو ويندو:-
"(n) "وائيس چيئرمين" مان مراد اٿارٽيءَ جو وائيس چيئرمين آهي."

1985 جي سنڌ ايڪٽ II جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act II of 1985

3. جاڻايل ايڪٽ ۾ دفعہ 5 ۾-
(i) جاڻايل ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظ "چيئرمين" ۽ لفظ "۽" ڪاما ۽ لفظن جي وچ ۾، هڪ وائيس چيئرمين جو صوبائي اسيمبلي جو ميمبر هوندو، داخل ڪيو ويندو؛
(ii) جاڻايل دفعہ (1) کانپوءِ، هيٺيون نئين ذيلي دفعہ داخل ڪئي ويندي:-
"(1-A) وائيس چيئرمين جي آفيس ڪل وقتي آفيس نہ هوندي، جنهن جو معاوضو پگهار يا فيس جي حساب سان ڏنو ويندو آهي."

1985 جي سنڌ II جي نئين دفعہ 13-A

4. جاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 13 کانپوءِ، هيٺ جاڻايل نئين دفعہ داخل ڪئي ويندي:-

”A_13. وائيس چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم. وائيس چيئرمين اهڙيون ذميواريون ادا ڪندو ۽ اهڙو ڪم سرانجام ڏيندو جيڪو ان کي چيئرمين ڏيندو.“	جي داخلا Insertion of new section 13_A in Sindh Act II of 1985

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.